قرآني علمن جي تعليم ۽ سکيا جو مجيل ۽ مثالي ادارو

# ادارہ رحیمیہ علوم قرآنیہ (ٹرسٹ رجسٹرڈ) لاہور

# RAHIMIA INSTITUTE OF QURANIC SCIENCES (TRUST) LAHORE


رحيميه هاؤس 33/A ڪوئينز روڊ (شارع فاطمه جناح) لاهور

00-92-42-36307714, 36369089 rahimia.org

rahimia-institute rahimia rahimiainstitute

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

# ادارہ رحیمیہ علومِ قرآنیہ (ٹرسٹ) لاهور

Rahimia Institute of Quranic Sciences (Trust) Lahore

ادارہ رحيميہ علومِ قرآنيہ (ٹرسٽ) هڪ ديني، تعليمي ۽ تربيتي مرڪز آهي. هي پنهنجي شاندار علمي حيثيت ۽ دين اسلام جي فڪر ۽ عمل جي سرشتي هيٺ شعوري تربيت بابت هڪ منفرد ديني سڃاڻ رکي ٿو. هي ادارو 2001ع ۾ قائم ٿيو. هن اداري جو وڏو ڪيمپس ۽ هيڊ آفيس پاڪستان جي تاريخي شهر لاهور ۾ آهي، جڏهن ته هن جا ريجنل ڪيمپس ڪراچي، سکر، ملتان، راولپنڊي، پشاور ۽ ڪوئٽا ۾ موجود آهن. هي ادارو پاڪستان جي نوجوانن ۾ ديني تعليم ۽ تربيت ۽ ان جي شعور ۽ فڪر جي ڦهلائڻ لاءِ وڏي مضبوطي سان جاکوڙ ڪري رهيو آهي.

## اداري جا باني

هن اداري جا باني ۽ سرپرستِ اعليٰ برصغير پاڪ ۽ هند جي مجيل ديني سلسلي "سلسله عاليه رحيميه راءِ پور" جا رابع (چوٿون) مسند نشين حضرت اقدس مولانا شاه سعيد احمد راءِ پوري قدس سره السعيد جن هئا. پاڻ، حضرت راءِ پوري ثانيؒ (ٻيو) حضرت اقدس مولانا شاه عبد القادر راءِ پوري قدس سره جن جا مجاز خليفا ۽ پنهنجي والدِ گرامي حضرت راءِ پوري ثالث (ٽيون) حضرت اقدس مولانا شاه عبدالعزيز راءِ پوري قدس سره العزيز جا جانشين هئا.

## حضرت باني قدس سره جو تعارف

حضرت اقدس راءِ پوري رابع (چوٿون) قدس سره جنوري 1926ع ۾ پيدا ٿيا. پنجن سالن جي ڄمار کان ئي خانقاهِ راءِ پور ۾ حضرت اقدس مولانا شاه عبد القادر راءِ پوري قدس سره جن جي صحبت ۾ ۽ پنهنجي بابا سائين جن جي ساٿ ۾ ساڻن گڏ "راءِ پور" ۾ رهيا. جتي انهن پنهنجي والدِ گراميؒ کان ابتدائي ديني ڪتاب پڙهيا، جڏهن ته ٻين وڏن نالي وارن عالمن سڳورن کان قرآن پاڪ جي علوم جي تعليم پرائي ۽ پوءِ 1949ع ۾ مدرسه مظاهر العلوم سهارن پور ۾ شيخ الحديث حضرت مولانا محمد زڪريا ڪاندهلويؒ کان دورو حديث پڙهي ظاهري ديني تعليم مڪمل ڪئي. ان کان پوءِ حضرت اقدس شاه عبد القادر راءِ پوري قدس سره کان باطني تربيت حاصل ڪيائون. انهن 1950ع ۾ کين "سلسله عاليه رحيميه راءِ پور" ۾ خلافت ۽ اجازت عنايت فرمائي. ان کان پوءِ پاڻ پاڪستان کهي آيا.

## حضرت بانيؒ جون تعليمي ۽ تربيتي ڪاوشون

حضرت باني محترمؒ 1951ع کان ئي حضرت اقدس شاه عبدالقادر راءِ پوريؒ جي حڪم سان پاڪستان ۾ عصري تعليمي ادارن؛ ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ديني مدرسن جي طالب علمن ۽ نوجوان نسل جي ديني ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت ۽ دور جي گُهرجن مطابق شعوري سکيا جو ڪم وڏي همت ۽ استقامت سان ڪندا رهيا. پاڻ زوال جي دور ۾ انساني معاشري جي اهم ترين مسئلن، خاص طور تي سياسي، معاشي ۽ عمراني مسئلن جو قرآني نقطه نگاه سان شعوري تجزئي ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ پڻ ديني لحاظ کان انهن مسئلن جي حل ڪرڻ جي رهنمائي جون ذميواريون وڏي عمدگي سان نڀايون. حضرت باني محترمؒ جن سچي چمار وڏي عزم ۽ حوصلي سان نوجوان نسل کي فرقه وارانه ماحول مان ڪيڍڻ ۽ منجهن قرآني تعليمات سان شعوري لاڳاپو قائم ڪرڻ لاءِ اڻ ٿڪ محنت ۽ جدوجهد ڪئي آهي.

## اداري جي قيام جو پس منظر

پاڪستان ٺهڻ سان ئي هن ڪم جي وڏي ضرورت هئي ته مسلمان اڪثريتي ملڪ ۾ نوجوان نسل جي تعليم ۽ تربيت لاءِ قومي ۽ ملي گهرجن مطابق ديني تعليم کي زندگي جي سرشتي طور پڙهائجي. انهن کي هن ڳالهه جو شعور ڏنو وڃي ته ديني نقطه نگاه سان خدا پرستي ۽ انسان دوستي مطابق انساني معاشري جا بنيادي مسئلا ڪيئن حل ڪري سگهجن ٿا؟ پر اسان جي ملڪ ۾ سرمائي داري ۽ جاگيرداري نظام جي تسلط سبب نوآبادياتي دور جي رجعت پسندي تي ٻڌل تعليمي نظام ۾ انهن معاملن کي آڏو نه رکيو ويو، بلڪه افسوسناڪ ڳالهه هي آهي ته ملڪ جي تعليمي نظام کي ٻن الڳ الڳ طبقن جي صورت ۾ ورهايو ويو. ڪيڏو وڏو الميو آهي ته ملڪ ۾ ڪي تعليمي ادارا "ديني تعليم" جي نالي سان فرقه وارانه بنيادن تي پنهنجي مذهبي شناخت رکن ٿا. جڏهن ته ٻيا تعليمي ادارا "دنياوي تعليم" جي نالي سان اسڪولن ۽ ڪاليجن تي ٻڌل عصري تعليمي نظام طور سڃاتا وڃن ٿا. ائين ئي هڪ اسلامي ملڪ جي نوجوانن جي "دين" ۽ "دنيا" جي نالي سان ورچ ڪري ٻن مختلف طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو ويو. حالانڪه اها ورچ دين اسلام جي يارهن سؤ ساله غلبي جي زماني ۾ ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نه آئي، بلڪه هندوستان جي مغل اسلامي دورِ حڪومت جي وزيراعظم علامه سعدالله خان، جنهن تعليمي نظام ذريعي تعليم حاصل ڪئي، ساڳي ئي تعليمي نظام مان عظيم ديني شخصيت حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي قدس سره به تعليم پرائي.

## تعليمي لحاظ کان اجتماعي ڪوتاهي

وري ان تي اسان جي اجتماعي ڪوتاهي جي حالت هي آهي جو خالص مذهب جي نالي تي قائم ٿيل تعليمي ادارا تمام محدود دائري ۾ رهي دين جي تعليم ڏين ٿا. اهي رڳو ديني عقيدن ۽ عملن جي اصلاح بابت ديني تعليم ۽ تربيت جو ڪم ڪن ٿا ۽ پڻ اهو ڪم به مسلم اجتماعيت کي نظرانداز ڪري رڳو پنهنجي پنهنجي فرقي ۽ گروهي مسلڪ جي بنياد تي ڪيو پيو وڃي. رائج مذهبي تعليمي نظام ۾ ڪابه ڳٽِتي لڳل نہ آهي ته انساني معاشري جي سياسي، معاشي ۽ عمراني تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۾ دين اسلام جو ڪهڙو ڪردار آهي. اڄ انسانيت بک ۽ افلاس، ذلت ۽ خوف جي حالت ۾ آهي. ان مان نڪرڻ جو رستو ڪهڙو آهي؟ روايتي مذهبي تعليمي ادارن ۾ انهن سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت جو نہ ڪو نصاب آهي ۽ نہ وري ڪو نظام. بلڪه اهڙن سوالن کي "دنيا" چئي ڪري جان ڇڏائي ٿي وڃي.

اهڙي طرح "دنياوي تعليم" جي نالي تي پرائيويٽ ۽ حڪومت جي انتظام هيٺ هلندڙ اسان جي ملڪ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ نوجوانن کي مغرب جي سرمائي دارانه نظام (Capitalism) جي اصولن تي مختلف شعبن ۾ فقط پيشه ورانہ تعليم ڏني وڃي ٿي. پر ديني ۽ قرآني نظريي جي بنياد تي قومي ۽ بين الاقوامي نظام جي سياسي، معاشي ۽ عمراني مسئلن تي رهنمائي جو ڪوبه طريقي ڪار انهن جي آڏو نہ هوندو آهي، بلڪه ان جي ابتڙ اهي تعليمي ادارا غلامي جي دور وانگر لارڊ ميڪالي جي تعليمي نظريي جي بنياد تي قائم آهن. اهڙي طرح اهي سرمائي دارانه نظام لاءِ آلهِ ڪار طبقا پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

اهڙيءَ ريت تعليمي اعتبار سان ملڪي سطح تي اها ڪوتاهي آهي ته هتي ٻٽي تعليمي سرشتي جي بنياد تي "ديني" ۽ "دنياوي" به متضاد ۽ هڪ ٻئي سان وڙهندڙ طبقا پيدا ڪري رهيا آهن. جنهن جو نتيجو هي آهي ته اسين ديني بنياد تي قومي فڪري وحدت، اجتماعي جوڙ جڪ، سياسي استحڪام ۽ معاشي خوشحالي کان ڪوهين پري ۽ ديني نظام کان وانجهيل آهيون.

## اداره رحيميه علومِ قرآنيه جو قيام

انهن حالتن ۾ وڏي ضرورت هئي ته اهڙي تعليمي، تربيتي جدوجهد ۽ ڪوشش شروع ڪئي وڃي جنهن ذريعي نوجوانن ۾ ديني ۽ قرآني تعليمات جي بنياد تي انساني سماج جي اهم ترين سياسي، معاشي ۽ عمراني مسئلن کي سمجهڻ جو شعور پيدا ٿئي. اسان جي ملڪ جا نوجوان دين اسلام کي زندگيءَ جي نظام طور سمجهڻ لاءِ قرآن حڪيم مان رهنمائي حاصل ڪن. حضرت اقدس مولانا شاهه سعيد احمد راءِ پوري قدس سره گذريل اڌ صدي کان يونيورسٽين ۽

ڪاليجن جي نوجوانن ۽ ديني مدرسن جي فارغ التحصيل عالمن ۽ طالب علمن ۾ هن بابت شعور ۽ سڃاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان ڪم ڪري رهيا هئا.

وڏي عرصي کان اها ضرورت محسوس ٿي رهي هئي ته حضرت اقدس راءِ پوري قدس سره جي تعليمي، تربيتي ۽ شعوري جدوجهد کي سٺي نموني سهيڙڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جامع ديني مرڪز ۽ ادارا قائم ڪيا وڃن. خاص طور تي "سلسله عاليه رحيميه راء پور" جي ديني مرڪزيت ۽ ان جي تربيتي سلسلي سان لاڳاپيل ماڻهن جي روحاني، علمي، ديني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ اهي مرڪز اهم ڪردار نڀائين. انهيءَ ڪارڻ حضرت اقدس راء پوري رابعؒ جي انهن سمورين ڪاوشن کي سهيڙڻ لاءِ 2001ع ۾ پاڪستان جي تاريخي شهر لاهور ۾ "اداره رحيميه علوم قرآنيه (ٽرسٽ) لاهور" جو قيام عمل ۾ آندو ويو.

هاڻي الحمدلله! پاڪستان جي ٻين مکيه شهرن ڪراچي، سکر، صادق آباد، ملتان، راولپنڊي، پشاور ۽ ڪوئٽا ۾ ان جا ريجنل ڪيمپس قائم ڪيا ويا آهن.

هي ادارو تقريباً ٻارهن سالن (2001ع کان 2012ع) تائين حضرت اقدس مولانا شاه سعيد احمد راءِ پوريؒ جن جي سرپرستي ۽ نگراني هيٺ ڪم ڪندو رهيو. حضرت اقدس راءِ پوري رابعؒ (چوٿين) جي انتقال (26 سيپٽمبر 2012ع) کان پوءِ اڄ تائين سندن جانشين حضرت اقدس مولانا مفتي شاه عبدالخالق آزاد راءِ پوري دامت برڪاتهم العاليه جن جي نگراني ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

## اداري جا بنيادي هدف

اداري جي نظريي موجب تعليمي ۽ تربيتي لحاظ کان بنيادي هدف هيٺ ڏجن ٿا:

الف: قرآني علمن جي بنيادي ۽ حقيقي سکيا نوجوان نسل آڏو پيش ڪرڻ. ان لاءِ قرآني علوم جي چار بنيادي شعبن : تفسير، حديث، فقه، سلوڪ ۽ طريقت مطابق:

1. قرآن حڪيم جي مستند تفسير جو شعور پيدا ڪرڻ
2. نبوي حديثن جي مجيل تشريح بابت ڄاڻ ڏيڻ
3. فقه ۽ اسلامي قانون جي اجماعي فهم ۽ سمجهه کي واضح ڪرڻ
4. ديني تصوف ۽ سلوڪ ۽ طريقت جي بنياد تي باطني تربيت ۽ دلين جي تزڪيه (صفائي) لاء انسانيت جي بنيادي اخلاقن مطابق تربيت ڪرڻ.

ب: انساني سماج جي جوڙ جڪ جا بنيادي علوم ۽ انهن جي قرآني اصولن مطابق واقفيت ڏيڻ:

5. عمرانيات (Sociology) ۽ ان جا قرآني اصول.
6. سياسيات (Political Science) ۽ ان جا قرآني اصول.

7 معاشيات (Economics) ۾ ان جا قرآني اصول.
8 تاريخ (History) ۾ ان جا قرآني اصول.
9 فلسفو (Philosophy) ۾ ان جا قرآني اصول.
10 موجوده حالتن ۾ قرآني نظريي مطابق انهن جو تجزيو ڪرڻ.

ج: قرآني علمن جي بنياد تي روحاني، اخلاقي ۽ شعوري تربيت جو بندوبست ڪرڻ

11 ذڪر ۽ فڪر جي ويهڪن جو بندوبست ڪرڻ.
12 مشائخ راءِپور جي صحبت ۾ سندن معمولات جي پابندي ڪرڻ.

اداره رحيميه علوم قرآنيه لاهور جي بنيادي مقصدن ۽ هدفن ۾ مٿي ذڪر ڪيل "قرآني علوم" جي تعليم ۽ تربيت ۽ روحاني ۽ اخلاقي سکيا جي بنيادي ڪمن کي قرآني تعليم جي پيٽ ۾ سمجهڻ سمجهائڻ آهي. خاص ڪري درست سماجي جوڙ جڪ لاء قرآني حڪمن کي سمجهڻ ۽ ديني علوم بابت سماجي شعور بلند ڪرڻ ان جو مقصد آهي. اهڙي طرح اداري جي خاصيتن مان هي به آهي ته هو قرآني سکيا کي نظام زندگي جي طور تي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ، ديني شعور جاڳائڻ ۽ اخلاقي جرئت ۽ همت پيدا ڪرڻ بابت تعليم ۽ تربيت جي جدوجهد ڪرڻ ۾ عملي طور تي رُڌل آهي.

## اداري ۾ هلندڙ تعليمي ۽ تربيتي سرگرميون

1 قرآن حڪيم کي ترجمي سان پڙهڻ جي تعليم جو بندوبست.
2 علوم قرآنيه (دوره تفسير، دوره حديث، فقه ۽ تصوف وغيره پڙهائڻ.
3 گريجوئيٽس لاءِ چار ساله "علوم اسلاميه ڪورس" جو انتظام.
4 علوم قرآنيه جي روشني ۾ جديد عمرانيات ۽ سماجيات جي اصولي فهم جو بندوبست.
5 شريعت، طريقت ۽ ديني سياست جي اصولي تعليم ۽ تربيت جو انتظام.
6 ديني دعوت جي پکيڙ لاءِ تربيتي ويهڪن جي ڪوٺ.
7 ديني شعور جي بيداري لاءِ سيمينارز ۽ سمپوزيم جو بندوبست.
8 روحاني تربيت ۽ ذڪر الله لاءِ ذڪر ۽ فڪر جي مجلسن جو انتظام.
9 ديني مسئلا ۽ احڪام ۽ ديني اڪابرن جي علوم ۽ افڪار تي مشتمل لٽريچر جي ڇپائي ۽ پڙهائي.
10 قومي آفتن ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي سماجي ۽ مالي سهڪار لاءِ رٿون.

### اداري مان شايع ٿيندڙ رسالا:

ماهوار **رحيميه** لاهور | ٽي ماهي رسالو **شعور ۽ آگهي** لاهور

ٽي ماهي **انسانيت** ڪراچي

انهن رسالن جا پاڻ خريدار بڻجو ۽ پنهنجن دوستن جي ميمبرشپ لاءِ سهڪار ڪيو.